لُغت نگاري ۽ اُن جي مختصر تاريخ

Abstract:

Lexicography and its brief History

The richness of any language can be conjectured through its stock of vocabulary because the development and the future of a language is dependent on its word bank. As long as a language accumulates its stock of words, its growth and change are possible. Vocabulary plays a fundamental role for the progress and exposition of all arts in the intellectual world. Words and expressions are essential for the definition and explanation of the branches of science & technology and other legal & social fields. The subject and content of any lexicon revolves around the words and their meanings. Words are in fact moulds and the meanings are their souls. As both body and soul are vital for life so is vocabulary for the progress and evolution of a language because it is the heart and soul of a language simultaneously.

`Lughat` is an Arabic word which literally means language, conversation or sound, and idiomatically it implies the stock of words and their meanings. Vocabulary is important in the literary and scholarly world because it dominates the treasure of a language. As the governance of a country depends on its economy, in the same manner vocabulary important for the prosperity and beauty of a language. It is because of all these merits of vocabulary that it is called the mother of all the branches of knowledge and grammar is supposed to be their father. Just like a child is an orphan without parents so is a language vulnerable without words.

This article defines lexicography, and explains many other terms related to its growth. Moreover, it discusses in detail the evolution of lexicography in Sindhi language.

Key words: *Lexicography, meaning, kinds, evolution.*

پوليون، قومن جي سُجاڻپ ۽ بقا سان گڏ اُنهن جي تهذيب، تمدن، ثقافت ۽ ادبي حيثيت ۽ اهميت کي پڻ عيان ڪندیون آهن. اُهو ئي سبب آهي، جو اُنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته: "ڪنهن به قوم ۽ مُلڪ جي مادري ٻولي، اُن قوم لاءِ آرسي سمان هوندي آهي، جنهن ۾ اُن قوم جي سماجي زندگي ۽ سَڀيتا جو اولڙو ۽ عڪس نمايان نظر ايندو

آهي. ٻولي، مُلڪ جي ماڻهن لاءِ اهڙو سرشتو ۽ ذريعو هوندي آهي، جنهن سان قوم جو هر فرد پنهنجن احساسن، اُمنگن، قومي لاڙن ۽ ضرورتن کي بيان ڪري سگهندو آهي... مادري ٻوليءَ کي اُن جي ڳالهائيندڙن طرفان سارَ سنيال جي وڏي ضرورت هوندي آهي. اُن ڪري اهڙي ٻوليءَ جي اديبن ۽ عالمن جو فرض آهي ته، اُهي پنهنجي مادري ٻوليءَ جي پوري حفاظت ڪَن، اُن جي الفاظن جي ذخيري کي سَهيڙين ۽ گڏ ڪَن، لُغتون ۽ ڊڪشنريون لِکن، لفظن جي لهجن ۽ معنائن کي پَروڙين، پَرکين، تڏهن ئي اُها ٻولي، زماني جي حالتن ۽ لهرن لوڏن کان بچي پارِ پوندي."[1]

لُغت جي ايڏي اهميت اُنهيءَ ڪري به آهي، جو اُها ٻوليءَ جي گڏيل ميراث ۽ خزاني تي ٻڌل هجي ٿي. جهڙيءَ ريت ڪنهن مُلڪي ڪاروَهنوار جو دارومدار معيشت تي هوندو آهي، معيشت کان سواءِ مُلڪَ ۽ قومون ڪَنگال سَڏبيون آهن. ائين ٻولين جو خزانو لُغتون هونديون آهن، جن سان ئي ٻولين جي خوشحالي ۽ خوبصورتي ٻڌل هوندي آهي. لُغت جي اُنهن گُڻن، خاصيتن ۽ خوبين سبب ئي لُغت کي مِڙني عِلمن جي ماءُ ۽ گرامر کي پيءُ ڪوٺيو ويندو آهي. جيئن ماءُ ۽ پيءُ کان سواءِ ٻارَ يَتيمَ ۽ ڇُورا ڇِنا ٿي ويندا آهن، ائين ئي ٻوليون به لفظن جي ترتيب، تشريح ۽ تحفظ کان سواءِ نڌڻڪيون، ڇُوريون ڇِنيون ۽ يَتيم ٿي ويندیون آهن.

لُغت جي لفظي ۽ اِصطلاحي معنيٰ:

لُغت عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، "ٻولي، زبان، گفتگو يا آواز."[2] اصطلاحي معنيٰ ۾، ڪنهن ٻوليءَ ۾ موجود لفظي ذخيرو ۽ اُنهن جي معنيٰ، جنهن سان اُن لفظ جو مقصد ۽ مفهوم سمجهي سگهجي.

لُغت لاءِ انگريزي ٻوليءَ ۾ عام طرح ٿي لفظ، 'Dictionary، Vocabulary ۽ Lexicon,' مِلن ٿا، جن جي معنيٰ لڳ ڀڳ ساڳي، يعني: 'لفظن جو علم' آهي.

انگريزيءَ جو لفظ ڊِڪشنري (Dictionary) اصل ۾ لاطيني ٻوليءَ جي لفظ ڊِڪري (Dicere)، ڊِڪشنريم (Dictionarium)، ڊِڪشن (Diction) يا ڊِڪٽِئُ ۽ (Dictio) مان ورتل آهي، جنهن مان ڊِڪشنري (Dictionary) لفظ جنم ورتو آهي. ويبسٽرس ڊڪشنريءَ ۾ اُن لفظ جي وصف ۽ وضاحت هن ريت ملي ٿي:

"Dictionary is a book of alphabetically listed words in a language with definitions, etymologies, pronunciations and other informations."(3)

لُغت بابت انگريزيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ هڪ ٻي لفظ وُڪيبلري (Vocabulary) جي معنيٰ آن لائن، 'مريم ويبسٽر انگلش ڊِڪشنري' ۾ هيءَ ڏنل آهي:

"1. A list or collection of words or of words and phrases usually alphabetically arranged and explained or defined.

2. A list of difficult or unfamiliar words with an explanation of their meanings, accompanying a piece of specialist or foreign language text."(4)

پرمانند ميوارام پنهنجي مرتب ڪيل لُغت، 'نيو انگلش ـ سنڌي ڊِڪشنريءَ' ۾، ڊِڪشنري لفظ لاءِ ٻيا متبادل لفظَ هيءُ ڏنا آهن، "فرهنگ، لُغت، ڪوش، نام مالها، شُبد ڀنڊار ۽ نِگهنَٽو."(۵)

چيمبرس انگلش ڊِڪشنريءَ ۾، اُن لفظ جي تشريح هيءَ ملي ٿي:

"A word book or Dictionary, or a vocabulary of terms used in connection with a particular subject."(6)

معروف اردو لُغت، 'فيروز اللغات' جو مُرتب، لُغت لفظ جي وڌيڪ وضاحت هِن ريت ڪري ٿو ته: "وہ کتاب جس میں حروف تہجی کے اعتبار سے الفاظ اور ان کی معانی درج ہوں."(۷)

اُن سلسلي ۾، وڌيڪ اردو لُغت، 'نوراللُغات' جو مصنف لکي ٿو: "لُغت ایک ایسی کتاب ہے، جس میں کسی زبان کے الفاظ کو وضاحتوں، صرفیات، تلفظات اور دوسری معلومات کے ساتھ بلترتیب حروفِ تہجی درج کیا گیا ہو یا ایک ایسی کتاب، جس میں کسی زبان کے الفاظ، اصطلاح اور کسی اور زبان میں اُن کے مترادفات کے ساتھ حروفِ تہجی کی ترتیب کے ساتھ لکھا گیا ہو."(۸)

ٻين لفظن ۾، لفظن جي اهڙي ترتيبوار ذخيري کي لُغت سَڏجي ٿو، جنهن ۾ لفظ جي هِجي، اُن جي اچار، اُن جي معنيٰ، اصليت، لِساني حيثيت، وِياڪرڻي وضاحت ۽ اِصطلاحي سمجهاڻي ڏنل هجي.

هِن لفظ لاءِ اردو توڙي سنڌي ٻوليءَ ۾ هِڪُ ئي لفظُ، 'لُغت' مُروج ۽ مُستعمل آهي، جنهن جو اردو ۾، جمع 'لُغات' ۽ سنڌي ۾ 'لُغتون' آهي. ساڳي لفظ لاءِ ٻين

ٻولين ۾ مختلف لفظَ مِلن ٿا. جيئن فارسيءَ ۾ اُن کي 'فَرهنگ' چون ٿا. انگريزي ۾، 'Dictionary/Vocabulary/Lexicon'، ۽ سنسڪرت/هنديءَ ۾ اُن کي 'ڪوش' ڪوٺيو وڃي ٿو. لُغت جي معنويت ۽ مفهوم سان مِلندڙ جُلندڙ ڪجهه ٻيا اِصطلاحَ (Terms) پڻ مِلن ٿا. جهڙوڪ: گِلاسري، قاموس، ڏِسڻي، اِنسائيڪلوپيڊيا، ٿِسارس، شُبد ڀاشا، مَشمولات، لفظي لَڙهيون، دو وايون، سه وايون، نِگهنَٽُو، ڪِرانالاجيڪل، ڌاتو ڪوش وغيره، جيڪي جوڙجڪ، ترتيب ۽ ترڪيب جي لحاظ کان ٿوري گهڻي فرق ۽ جُزوي تفاوت سان گهڻو ڪري هڪجهڙا ۽ ساڳيا مفهومَ ۽ مطلبَ آڇيندڙ آهن، فرق فقط وضاحت، تفصيل، موضوع ۽ مواد جو هوندو آهي. ڄاڻايل ڪجهه 'اِصطلاحن ۽ لُغت' ۾ چند اَهم فرقن کي هيٺ مختصر طور واضح ڪجي ٿو.

۱. اِنسائيڪلوپيڊيا اصل ۾ يوناني ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جو لفظي ۽ اِشتقاقي ڇيد ڪبو ته ٿيندو: اِنسائيڪلو = مُڪمل، پوري + پِيڊيا = ڄاڻ، معلومات، تعليم، يعني ڪنهن به شيءِ جي تفصيلي، پوري ۽ گهڻ طرفي معلومات ۽ ڄاڻ ڏيڻ. حقيقت ۾، "اِنسائيڪلوپيڊيا هڪ جامع حوالاجاتي تصنيف آهي، جنهن ۾ ڄاڻ جي ڪنهن هڪ يا گهڻن شعبن بابت معلومات مِيڙيل هوندي آهي."(۹)

ٻين لفظن ۾، "ائين کڻي چئجي ته اهڙو ڪتاب، جنهن ۾ دنيا جي سمورين شين جي پوري ڄاڻ ڏني وڃي. تهذيب ۽ تمدن جي اِبتدا کان وٺي اَڄ تائين اِنسان پنهنجي ذات ۽ ڪائنات جي باري ۾، جيڪي ڪجهه ڄاتو ۽ حاصل ڪيو آهي، اُهو سڀ ڪجهه اِنسائيڪلو پيڊيا ۾ گڏ ڪيو ويندو آهي."(۱۰)

۲. فَرهنگ ـ فرهنگ فارسي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي: ڏاهپ، دانشمندي، رسم رواج، ثقافت. اصطلاحي ۽ لسانياتي ٻوليءَ ۾، اُن جي وضاحت هن ريت ڪري سگهجي ٿي ته: اهڙو ڪتاب يا دفتر، جنهن ۾ روزمره زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظَ، اِصطلاح، پهاڪا ۽ محاورا سَهيڙيل هجن ۽ اُنهن جي معنيٰ، وضاحت ۽ سمجهاڻي ڏنل هجي.

۳. گلاسري (Glossaryy) جو لفظ لاطيني ٻوليءَ جي لفظ گلاسِريم (Glossarium) يا گِلوسا (Glossa) مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ، 'فهرست يا وِچور' آهي. ٻين لفظن ۾، ڪجهه اهڙن مخصوص فني لفظن، اصطلاحن ۽ محاورن جي معنيٰ ۽ مفهوم جي

تفصيلي تشريح ۽ وضاحت ٿيل هجي ته، اهڙي وچور ۽ وضاحت کي گلاسري چئبو. اُن لفظ لاءِ آن لائن ڪيمبرج انگلش ڊڪشنري ۾ لکيل آهي:

"An alphabetical list with meanings of the words or phrases in a text that are difficult to understand."(11)

۴. ڪوش لفظ جو تعلق هندي ۽ سنسڪرت ٻولين سان ٻُڌايو وڃي ٿو، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي :"پوش، پَردو، محفوظ ذخيرو وغيره."(۱۲) اصطلاحي معنيٰ ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته، لفظن جو اهڙو ذخيرو، جنهن کي ڪنهن ڪتاب ۾ اهڙي نموني سان محفوظ ڪجي ۽ سانڍجي، جو اُهو ضايع نه ٿئي ۽ هميشه ڪارگر رهي.

۵. اِنڊيڪس/ ڊِسٽي/ حاشيو ـ هِن اصطلاح لاءِ عام طرح سنڌيءَ ۾ لفظ 'اِشارو' پڻ استعمال ٿيندو آهي، جنهن موجب ڪنهن ڪتاب جي مواد ۾ آيل ڪنهن ماڳ، مڪان، شهر، ماڻهو وغيره جو ذڪر ته هوندو آهي، پر اُهو ايترو مفصل نه هوندو آهي. اُن کي وڌيڪ جامع انداز ۾ بيان ڪرڻ لاءِ هي اصطلاح ڪَتب آندو ويندو آهي ۽ هيٺ حاشيو ڏُئي، اُن جي تفصيلي وضاحت ڪئي ويندي آهي.

۶. ڪِرانالاجيڪل ـ "هِن قِسم جي لُغات جو ٻوليءَ جي رائج لفظن سان ڪو واسطو ڪونهي، پر هِن ۾ مُلڪ جي تاريخ، ثقافت ۽ تاريخي مواد، تاريخ وار ۽ سال وار درج ڪيو ويندو آهي."(۱۳)

7. ٿسارس (Thesaurus) لفظ، يوناني ٻوليءَ جي لفظ (Thesauros) مان وَرتل آهي، جنهن جي معنيٰ 'خزانو' آهي. لفظن جو اهڙو ذخيرو ۽ خزانو، جنهن ۾، لفظن جا ٻيا متبادل ۽ هم معنيٰ لفظ هڪ جاءِ تي گڏ ۽ سهيڙيل صورت ۾ موجود ملن.

a: A book of words or of information about a particular field or set of concepts especially, a book of words and their synonymous.

b: A list of subject headings or descriptors usually with a cross-reference system for use in the organization of a collection of documents for reference and retrieval."(14)

لُغت جي حوالي سان ڪجهه ٻيا لفظَ/ اِصطلاحَ جهڙوڪ: عِلم لُغت (Lexicology)، لُغت نويسي/ لُغت سازي (Lexicography)، لُغت ساز، لُغت نويس، لُغتدان، (Lexicographer) ، لُغت جو ماهر (Lexicologist) وغيره عام استعمال ڪيا ويندا آهن، جن کي سمجهڻ/

ساڃاهڻ پڻ تمام ضروري آهي.

"لُغت سازيءَ کي انگريزيءَ ۾ (Lexicography) چيو ويندو آهي، جيڪا لسانيات جي هڪ شاخ آهي، جنهن ۾ لفظن جو اڀياس ڪيو ويندو آهي. اُن کان علاوه اُنهيءَ ۾ لفظن جي ماهيت، عناصر، معنائون، اُچار، وياڪرڻي حيثيت ۽ سموري لفظي ذخيري کي شامل ڪيو ويندو آهي."(۱۵)

ٻين لفظن ۾ لُغت سازي، لفظن جي معنوي اُڪيڙ، اچار، مُتضاد، مُترادف لفظن ۽ اِملا جو اهڙو عِلم آهي، جنهن ۾ لفظن جي ترتيب، لسانياتي ۽ ويا ڪرڻي حيثيت جو تعين ڪيو ويندو آهي.

"لُغت، ڪنهن ٻه ٻوليءَ جي لفظي خزاني کي محفوظ ڪرڻ سان گڏوگڏ، لفظن جي معنائن، مفهومن، اُچارن ۽ ويا ڪرڻي حيثيت کانسواءِ اُنهن جي تاريخي لاڳاپي ۽ ذاتن جي نشاندهي ڪرڻ جو هڪ اَهم وسيلو هوندي آهي. اُهو هڪ حوالاجاتي ڪم آهي، جنهن ۾ لفظ ۽ اصطلاح الف ـ ب وار ترتيب ۾ رکيا ويندا آهن."(۱۶)

لُغت سازي هونءَ ته ڪيترن ئي اصولن ۽ فني طريقن تي مُحيط هوندي آهي، پر اُن جا ٻه قسم انتهائي اهم آهن، جن ۾ هڪ عملي لُغت سازي (Practical Lexicography) ۽ ٻيو اصولي لُغت سازي (Theoretical Lexicography) شامل آهن.

عملي لُغت سازيءَ ۾، سڀ کان پهريان لُغت جو خاڪو جوڙي، لفظن جي مِيڙي چونڊي ڪري، اُنهن کي ترتيب سان لکڻ، مُرتب ڪرڻ، سَنوارڻ، سُڌارڻ ۽ سَهيڙڻ جا سمورا ڪم اچي وڃن ٿا. انگريزيءَ ۾ اُن حوالي سان اُنهيءَ جي وضاحت هِن ريت ملي ٿي:

"The act/ art of writing, editing and compiling dictionaries is known as Practical Lexicography."(17)

جڏهن ته اصولي لُغت سازي هڪ اهڙو سائنسي علم آهي، جنهن ۾، لفظن جي جوڙجڪ، اُنهن جي اصليت، اوسر، اِشتقاقي چيد، معنوي چنڊچاڻ، لفظن جي هڪ ٻئي سان سُٻنڌ ۽ اُنهن جي وياڪرڻي حيثيت جا سمورا معاملا شامل هوندا آهن.

"Theoretical Lexicography is the scientific discipline of analyzing and describing the semantic, syntagmatic and paradigmatic relationships within the lexicon of a language, developing theories of dictionary components and structures linking the data in dictionaries."(18)

مٿين وصفن ۽ وضاحتن مان ثابت ٿيو ته، لُغت سازي لفظي خزاني تي مشتمل هڪ اهڙو منفرد ۽ اصولي سائنسي عِلم آهي، جنهن مان ڪنهن به ٻوليءَ جي، نه فقط اَميري ۽ آسودگيءَ جي سُڌ پوي ٿي، پر اُن ذريعي اُن ٻوليءَ ۾ موجود لفظن جي صحيح صورتخطي، اُچار، گرامر، علامتي، اُهياڻي، اصطلاحي ۽ لغوي معنيٰ سان گڏوگڏ اُن جي لِساني خوبين ۽ سماجي علامتي گُٽن کان پڻ پليءَ پت آشنا ٿي سگهجي ٿو.

لُغت جي وصف، تعريف ۽ تشريح:

لُغت نه رڳو لفظن جو ذخيرو هوندي آهي، پر اُها معنائن، اصطلاحن ۽ پنهنجي صديون پُراڻي تهذيبي، تاريخي ۽ ثقافتي پسمنظر جي اَمين ۽ عڪاس پڻ هوندي آهي، ڇو ته لفظن جو اهو وجود ۽ سرشتو ائين اوچتو جنم نه ونڊندو آهي، پر سماجي ۽ تاريخي ارتقا جي مختلف مُرحلن مان گُذري، اُن منزل تي رَسندو آهي، جتي لفظ فقط لُغوي معنيٰ ۽ مفهوم تائين محدود نه رهندا آهن، پر اُهي مجموعي زندگيءَ جي عملن ۽ احساسن جا عڪاس بڻجي پوندا آهن.

"ٻوليءَ جي سِکيا، ترقي ۽ دُرست استعمال لاءِ لغتن جو وڏو ڪردار هوندو آهي. اُهي نه صرف ڪنهن ٻوليءَ جي لفظي ذخيري کي محفوظ ڪن ٿيون، بلڪ اُن جي لفظن جي صحيح هِجي، وياڪرڻي حيثيت ۽ اشتقاقن بابت ضروري ڄاڻ مُهيا ڪرڻ جو ذريعو ٿين ٿيون. سنڌي ٻوليءَ ۾ لُغت نويسيءَ جي روايت تي روشني وجهڻ سان خود ٻوليءَ جي، ماضيءَ ۾ ٿيل ارتقا جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو."(۱۹)

حقيقت ۾ ٻولي، نه رڳو ڪنهن به قوم جي مجموعي وجودي ڪيفيتن، سماجي ڪار وَهنوار، فڪري ويچارن، سماجي سڃائين، ثقافتي لڇائن ۽ تهذيبي اُهياڻن جي اظهار جو موثر ذريعو ٿيندي آهي، پر اُها انساني وجود ۽ سماجي رابطن جو ضامن پڻ هوندي آهي، ڇو ته ٻوليءَ سان ئي سماجي تحرڪ ۽ ترقيءَ جو تصور لاڳاپيل ٿئي ٿو، ٻوليءَ بنا سماجن جي فڪري ۽ ادبي اوسر انتهائي اوکي ٿي پوندي آهي.

لُغت جا قِسمَ:

لُغت نويسي جيئن ته وسيع ۽ گهڻ موضوعاتي عِلم آهي، اُنهيءَ ڪري اُن جا

قِسمَ به ڪيترائي آهن. شاهوڪار ٻولين جي هِڪڙي سُجاڻپ اُها به هوندي آهي ته، اُنهن وٽ ڏار ڏار ۽ مختلف موضوعن تي لُغتن جو ذخيرو موجود هوندو آهي. سنڌي ٻوليءَ جو شمار پڻ اهڙين ٻولين ۾ ٿئي ٿو، جنهن وٽ لُغتن جو ڇگو ذخيرو ملي ٿو. توڙي جو لُغت نويسي، "ڏاڍو چيڙهالو ۽ اُنڪاڻيو ڪم آهي، جنهن تي زندگيءَ جو گهڻو حصو صرف ڪرڻو پوي ٿو. ڪمال احتياط ۽ مُسلسل جاکوڙ جي ضرورت پوي ٿي. لفظن جي ڪَناڪِيڙ ۾، پنهنجي دماغ کي هر لمحي مُتحرڪ ۽ توانو رکڻو پوي ٿو، جيئن دماغ ۾ پيهي ويل خيالن جو تسلسل جاري ۽ ساري رهي. جيڪڏهن خيالن جو سلسلو هيڪر ٽُٽي پيو، ته ٻيهر سَڳو سُورڻ مُشڪل ٿيو پوي. اهڙي ڪم ۾ مُحقق جي طَبع ۾ صبر ڪَپي، نَهر ڪپي، نه ڪي اُبهرائي ۽ عجلت. اِتفاقاً اگر غلط گَسُ مِليو ته، لفظ جو ذاتو اُوجهل ٿي ويندو ۽ تُز معنيٰ سَهُوُن جي اُونهي ساگر ۾ گم ٿي ويندي."(۲۰)

اهڙي اوکي ۽ مشڪل ڪم هجڻ باوجود سنڌي ٻوليءَ ۾ لُغت نويسيءَ جو پورهيو، ادارتي توڙي ذاتي سطح تي، نه رڳو خاصي انداز ۾ ٿيو آهي، پر اُهو گهڻ موضوعي ۽ ڏار ڏار لُغوي مواد تي مشتمل ۽ موجود آهي. هيٺ مختلف قِسمن جي لغتن جو مختصر ذڪر ڪجي ٿو، جنهن مان ڪَٽي مان خَرار پرڪڻ مُترادف سنڌيءَ ۾ ٿيل لُغت نويسيءَ جي ڪم جي وسعت ۽ لفظ ـ خزاني جي چگيءَ ريت خبر پئجي سگهي ٿي. هيٺ مختلف قسم جي لُغتن جو مختصر وِچور پيش ڪجي ٿو، جن تي سنڌي ٻوليءَ ۾ چگو ڪم ٿيو ۽ ٿي رهيو آهي.

۱. جامع لُغتون ۲. ٻه ـ ٻوليائي لُغتون ۳. گهڻ ٻوليائي لُغتون ۴. لَهجي وار لُغتون ۵. ذاتِ وار لُغتون ۶. ڪِرت وار لُغتون ۷. اِصطلاحي لُغتون ۸. اِشتقاقي لُغتون ۹. بِٽي لفظن جون لُغتون ۱۰. خاص مضمونن ۽ موضوعن جون لُغتون ۱۱. مُخففاتي لُغتون ۱۲. مُحاورن تي مشتمل لُغتون ۱۳. پهاڪن تي مُحيط لُغتون ۱۴. طِب جون لُغتون ۱۵. سائنسي مضمونن جون لُغتون ۱۶. قانون جي لفظن جون لُغتون ۱۷. هارپَ جون لُغتون ۱۸. دفتري لُغتون ۱۹. فلسفي جي اصلاحن جون لُغتون ۲۰. علائقائي لفظن جون لُغتون ۲۱. عام لُغتون ۲۲. تاريخي لُغتون ۲۳. مُترادفاتي لُغتون ۲۴. متضاد لفظن جون لُغتون ۲۵. شاعرن جي ڪلام جون لُغتون وغيره.

لُغت نويسيءَ جا چند مُکيہ اصول ۽ قاعدا :

جھڙيءَ ريت هر شعبي/ عِلم جي پرک ۾ چنڊجاڻ لاءِ کي اصول ۽ قاعدا مُقرر هوندا آهن، ساڳيءَ طرح لُغت نويسيءَ لاءِ پڻ ڪجھ اصول، قاعدا، قانون ۽ طور طريقا طئي ٿيل آهن، جن کي نظر ۾ رکندي، لُغتون جوڙيون ۽ ترتيب ڏنيون ويندیون آهن ۽ اُهي اصول گھٽو ڪري مِڙني ٻولين ۾ جُڙندڙ لُغتن لاءِ يَڪسان ۽ ڪٽي ڪٽي جُزوي فرق سان ساڳيا هوندا آهن. لُغت نويسيءَ لاءِ مختلف ماهرن پاران طئي ٿيل ڪجھ اصولي نقطا پنهنجن لفظ ۾ هيٺ پيش ڪجن ٿا.

۱. ڳالھائڻ توڙي لِکت ۾ ايندڙ لفظن کي گڏ ڪري، اُنهن جي الف-ب وار انداز سان ترتيب رکي، اُنهن لفظن جي معنيٰ ڏيڻ ۽ گرامر موجب وضاحت ڪرڻ.

۲. هر لفظ کي اُن جي گھربل جُزن ۽ پَدن ۾ ورهائڻ ڪري، اُن موجب اُن لفظ جي هِجي ۽ اُن جو اُچار مُقرر ڪرڻ.

۳. لفظ جي اصليت، ذاتو ۽ مادي جو تجزيو ڪري، اُن جو اِشتقاق ڪڍي، اُن لفظ جي تاريخي ارتقا ۽ اوسر جي ڄاڻ ڏيڻ.

۴. مشهور شاعرن جي شعر مان لفظ، اصطلاح، پھاڪو يا ڪا چَوٽي چونڊي، اُن جي، شعر ۾ استعمال واري معنيٰ ڏيڻ، ته جيئن اُن جو اصل مقصد ۽ مفهوم چِٽو ٿي سامھون اچي سگھي.

۵. لفظ جي وضاحت، ويا ڪرٽي مطابق ڪرڻ، ته جيئن اُن جي گرامر واري حيثيت جي چِٽائي ۽ نشاندهي واضح طرح سان ٿي سگھي.

۶. لفظ جي لُغوي معنيٰ کي واضح ڪرڻ کان علاوه اُن جي ثقافتي، علامتي ۽ اصطلاحي مفهوم ۽ مقصد جي مناسب تشريح ڪرڻ.

۷. لفظ جي بَطن ۾ موجود، لِساني، نَحوي، صوتي، آوازي ۽ احساساتي نزاڪتن کي محسوس ڪندي، اُن جي گھڻ پاسائن پسمنظر، رائج ٻولي توڙي غير روايتي انداز جي پرک ۽ پروڙ ڪرڻ.

۸. ڪنهن ٻ لفظ جي رواجي/ اصولي معنيٰ کان علاوه اُن جي سماجي، ثقافتي، تاريخي، تمدني، اصطلاحي ۽ اُهڃاڻوي معنيٰ ٻ هوندي آهي، جنهن کي اُنهيءَ

پسمنظر ۾ سمجھڻ/ سمجھائڻ کان سواءِ حقيقي مفهوم تائين رَسائي ممڪن نہ آهي، اُنهيءَ ڪري هڪ سُجاڻ لُغت نويس کي نہ صرف گھڻ مطالعاتي ۽ گھڻ ڄاڻو هجڻ گھرجي، پر اُن جو سُچيت ۽ سَپورنج هجڻ پڻ اَشد ضروري آهي.

۹. ڪنهن ٻ لفظ جي لُغوي ۽ اصطلاحي معنيٰ ڏيڻ سان گڏوگڏ اُن جي فرضي، علامتي، ثقافتي ۽ شاعراڻي معنيٰ ۽ مفهوم کي، اُن جي شعر جو لاڳاپيل حصو پيش ڪري واضح ڪرڻ.

۱۰. لفظن جي مُقرر معنيات کان علاوه اُنهن جي لِساني، لهجاتي، صوتياتي، سماجياتي، تاريخي، ثقافتي، علاقائي ۽ جاگرافيائي پَسمنظر تي مشتمل مفهومن کي عيان ۽ بيان ڪرڻ.

شيخ ايار جي لُغت جو هيءُ ڪم گھڻو ڪري، مٿي بيان ڪيل 'پھرين، چوٽين، پنجين، ڇھين ۽ نائين' نقطي ۾، واضح ڪيل ڳالھين جو احاطو ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪٽي ڪٽي اُن جي فڪري ۽ فلسفياڻي پھلوئن جي اِشاراتي وضاحتن جو ڪم پڻ ڪري ٿو.

لُغت نگاري جي اِبتدا، اوسر ۽ مختصر تاريخ:

لُغت نويسيءَ جي اِبتدا جي حوالي سان اِتھاس جي وَرق گرداني ڪجي ٿي ته، اُن سلسلي ۾ حقيقت کان وڌيڪ اَنديشن ۽ اَنومانن تي مُحيط اَنيڪ ڳالھيون مِلن ٿيون، جنهن موجب کي لُغت نگاريءَ جي شروعات اِٽينس کان ڪَن ٿا ته، ڪَن جي خيال موجب اُها عربن جي سرزمين تي اُسري ۽ اُيري آهي، ته ڪي وري اُن کي سنسڪرت ٻوليءَ سان سَلھاڙي، لُغت جو موجد اُن کي ئي سمجھن ٿا، پر حقيقت ۾ سڀ کان پھرين ۽ اَوائلي لُغت يونان ۾، چوٽين صدي ق.م. ڏاري ملي ٿي، جيڪا يوناني ادب ۽ هومر جي لکٹين مان چونڊ ڏُکين لفظن ۽ اُن جي معنائن تي مشتمل آهي. اُن کان علاوه يونان ۾، ۲۳۰۰ ق.م. ۾، هڪ ٻي لُغت جو ذکر پڻ ملي ٿو، جنهن ۾ لُغت جون اِبتدائي علامتون نظر اچن ٿيون، اُها اَڪادي ۽ سميري ٻولين جي لفظن تي مشتمل آهي ۽ اُن جا لفظ مُهرن تي 'ميخي خط' ۾ لکيل آهن.

ساڳيءَ ريت هڪ ٻي لُغت، جيڪا موجود صورت ۾ ملي ٿي، اُها نويس

اَپالونيس دي سافسٽ (Apollonius the Sophist) جي مرتب ڪيل آهي، جنهن ۾ هُن جَڳ مشهور شاعر ۽ ادیب هومر جي تخليقن ۾ موجود مشڪل لفظن کي چونڊيو، اُنهن جون معنائون ۽ وضاحتون لکيون آهن. سنسڪرت ۾ لُغت نويسيءَ جو بنياد ويد ۽ پراڻ آهن، جن جي تشريح ۽ لفظن جي وضاحت ۾ ڪيئي ڪتاب لِکيا ويا ۽ اُنهن ڪتابن جي بدولت ئي لُغتن ۽ ڪوشن مرتب ڪرڻ جو رواج پيو. لاطيني ٻوليءَ ۾ لُغت نويسيءَ جي روايت ۲۲۰ ق. م کان ملي ٿي ۽ اُهو سلسلو اڄڪلهي هلي پنهنجي عروج کي پهچي ٿو.

اهڙيءَ ريت عربي ٻوليءَ ۾ اَنين ۽ چوڏهين عيسوي صديءَ ڌاري لُغتن جو وجود ملي ٿو، جن ۾ باقاعدي الف ـ ب وار ترتيب پڻ نظر اچي ٿي. جنهن بعد قرآنِ مجيد ۽ احاديث ۾ موجود ڏُکين لفظن ۽ اُنهن جي معنائن تي مُشتمل لُغتون پڻ مرتب ڪيون ويون.

"انگريزي ٻوليءَ ۾ پهرين الف ـ ب وار ڊڪشنري، هڪ اسڪولي استاد 'رابرٽ ڪاردي' (Robert Cawrdy) ۱۹۰۶ع ۾ ٺاهي، جيڪا (اڃ ب) موجود آهي، پر تاريخ ۾، ۱۷۵۵ع ۾ پهرين باقاعدي لُغت 'ڊاڪٽر سيميوئل جانسن' (Dr. Samuel Johnso) جي مَڃي وڃي ٿي. اُن کان پوءِ ۱۸۸۴ع ڌاري آڪسفورڊ ۽ پوءِ ڪيمبرج يونيورسٽين جي اِشاعتي ادارن پاران اُنهيءَ ڪم کي باقاعدي سلسيوار هَلايو ويو ۽ ٿوري ٿوري وقفي سان اُنهن ۾ سُڌارا ۽ واڌارا آڻي، اُهي نوان ايڊيشن آڻيندا رهيا آهن. اهڙين ۾ لُغتن ۾، 'چيمبرس'، 'ڪولنس'، 'ڪوليئرس'، 'ويبسٽر'."[۲۱] وغيره شامل آهن، جيڪي هِن وقت وڏي ناماچاريءَ سان گڏ هڪ اداري جي حيثيت حاصل ڪري چُڪيون آهن.

اردو ٻوليءَ ۾ لُغت نويسيءَ جو بنيادَ انگريزن وِڌو، جنهن کان پوءِ مَقامي عالمن ۽ اديبن، اِنفرادي توڙي اِدارتي سطح تي اُن طرف نه فقط ڌيان ڏريو، پر مختلف عنوانن ۽ موضوعن تي ڪيترين ئي لُغتون مُرتب ڪري، منظرِ عام تي آندين، نتيجي ۾ هِن وقت اردو ۾ لُغتن جو جهجهو ذخيرو ملي ٿو. 'فرهنگ آصفيه' کي اردو زبان جي جامع ۽ مُفصل لُغت تصور ڪيو وڃي ٿو، جيڪا چئن ضخيم جلدن تي مشتمل آهي ۽ اُن جو مولف سيد احمد دهلوي (۱۸۴۶ع ـ ۱۹۱۸ع) آهي. اردو لُغت جي اِبتدا 'خالق باري'، 'لُغات گجري' ۽ 'واحد باري' سان ٿي آهي، جنهن کان پوءِ اردو لُغت جو سفر جاري ۽ ساري رهيو آهي. اردو جي اهم لُغتن ۾، "جلال لکنويءَ جي 'گنجينہ

زبان اردو' (۱۸۸۱ع)، ۽ 'سرمايہ زبان اردو' (۱۸۸۶ع) کان علاوه نياز علي بيگ جي، 'مخزن الفوائد' (۱۸۸۶ع)، مُنشي چَرن جِي لال جي، 'مخزن المحاورات' (۱۸۸۶ع)، مرزا محمد مرتضيٰ علي/ مَجو بيگ ستم ظريف جي، 'بهارِ هِندُ' (۱۸۸۶ع)، اشرف علي لکنويءَ جي، 'مصطلحات اردو' (۱۸۹۰ع)، غلام رسول لهوري جي، 'جامع الغات' (۱۸۹۲ع) ۽ امير مينائيءَ جي، 'اميرالغات'، نورالحَسن نير ڪاڪورويءَ جي، 'نورالغات' وغيره شامل آهن."[۲۲]

ننڍي کنڊ ۾ عِلم ادب جي اِتهاس سان گڏوگڏ لُغت نگاريءَ جي تاريخ، دنيا ۾ نه فقط اَوائلي ۽ قديم رهي آهي، پر گهڻن حوالن سان اُها منفرد ۽ نرالي به آهي، جو ته سنڌي ٻولي صدين کان هڪ قديم، تاريخي ۽ تهذيبي ٻولي رهي آهي، جنهن جي، "تحريري، تقريري ۽ دستاويزي تاريخ، موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي آثارن کان شروع ٿئي ٿي. هيءَ ٻولي، سنڌو سيويتا جي دور کان وٺي، سُپت سنڌوءَ کان ٿيندي، اڄڪلهه جي محدود جاگرافيءَ ۾ قيد ننڍڙي سنڌ تائين پنهنجي وجود جي بقا ۽ بچاءَ جا ڪيئي جَتن ۽ جوکا ڪٽندي آئي آهي....اُنهيءَ پنج هزار سالن جي تاريخي سفر ۾، سنڌي ٻولي گردشِ دوران جي ڪيترين ئي تبديلين، تحريفن ۽ ترميمن مان گُذري آهي. اُن جا ڪيترائي رسم الخط تبديل ٿيا آهن ۽ ڪيترين ئي صورتخطيون ۽ حرفِ تهجيءَ جا نمونا نواڻ مان گذريا آهن."[۲۳] پر اُن جي باوجود سنڌي ٻولي، نه رڳو پنهنجي مجموعي وجودي سگهه ۽ مِڙني لسانياتي خوبين ۽ خصوصيتن سميت قائم ۽ سلامت رهي آهي، پر اُن پنهنجي تاريخي، ثقافتي، تهذيبي توڙي علمي، ادبي، لِساني ۽ لُغاتي طرح امير هجڻ واري حيثيت پڻ تسليم ڪرائي آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ لُغت نگاريءَ جي روايت يقينن اَوائلي آهي، پر روايتي تاريخن ۾، اُن جي شروعات ڏيڍ ٻه سئو سال اڳ ٻُڌائي وڃي ٿي. جنهن ٻوليءَ جون پاڻون پنج هزار سال پُراڻي تهذيب، تمدن، تاريخ ۽ ثقافت جي سرزمين ۾ هجن، اُن جي ابتدا ڏيڍ ٻه سَوَ سال کان ڪيئن ٿي ڪري سگهجي؟، اُن سوال تي نه صرف گهڻي غور فڪر ۽ سوچ ويچار جي ضرورت آهي، پر اُن حوالي سان گهڻ رُخي تحقيق ڪري، اصل حقيقتن جي حاصلات پڻ اَشد ضروري آهي.

بهرحال اَنومانن ۽ اندازن تي بَدَل ڳالهين کي پاسي تي رکي، لُغت جي حوالي

سان جيڪڏهن ٿبوتن جي بنياد تي ڳڙ پَهه ڪجي ٿي، تہ اُن جي ابتدا جا آثار ۾ اُهجاڻ اُٽويهين صديءَ ۾ ملن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر ۽ لُغت جو باضابطا بنياد ڪيپٽن اِسٽيڪ ۱۸۴۵ع ڌاري وڌو. ۽ هُن سڀ کان اول، ب - ٻوليائي، 'انگريزي - سنڌي لُغت'(۱۸۴۹ع) ۾ مُرتب ڪري، شايع ڪرايون. اُهي ٻئي لُغتون 'ديوناگري لپيءَ' ۾ لکيل هيون، جن کي موجوده صورتخطيءَ ۾ تبديل ڪري ۲۰۱۱ع ۾، سنڌي لئنگئيج اَٿارٽي شايع ڪيو آهي. ڪئپٽن اِسٽيڪ جي اُنهن لُغتن ۾، لڳ ڀڳ ۱۶۹۰۰ لفظ ۽ اِصطلاح موجود آهن. اُن ئي عرصي دوران هُن هڪ گرامر جو ڪتاب: "A Grammar of Sindhi Language" پڻ جوڙيو. جنهن سان سنڌي ٻوليءَ جي سِکيا ۾، نہ فقط ڌارئي ماڻهن لاءِ سَهنجائي پيدا ٿي، پر اُن عمل سنڌي ٻولي ۽ ادب کي پڻ وڏي وُسعت ۽ وُقعت بخشي.

اُن ئي دور ۾، ۱۸۶۶ع ڌاري ٻي اهم لُغتون، جارج شرٽ جي، 'اکر ڏاتو'، آخود عبدالرحيم وفا عباسي جي، 'جواهر الغات اَڪيچار' ۽ آخوند فتح محمد هالائي جي 'ڪاشف الفيوض' منظرِ عام تي آيون. ۱۸۶۸ع ۾ لکشمڻ وِشنو، 'انگريزي - سنڌي لُغت' ترتيب ڏني. اهڙيءَ ريت ۱۸۷۹ع ۾ مُنشي اُڌارام، شرٽ ۽ مرزا صادق علي بيگ گڏجي هڪ 'سنڌي - انگريزي لُغت' تيار ڪئي، جنهن ۾ هُنن عربي - سنڌي لِپي استعمال ڪئي ۽ اُها لُغت ۲۱۴۵۰ لفظن تي محيط آهي. ۱۸۸۰ع ڌاري جهمٽمل وسناڻي 'وئٽپتي ڪوش' جي نالي سان، سنسڪرت جي بنياد وارن لفظن تي مشتمل هڪ لُغت ٺاهي. اُن سلسلي ۾، سنڌي زبان جي بنيادي لُغت، پرمانند ميوارام جي، 'سنڌي - انگريزي لُغت' (۱۹۱۰ع) جيڪا ۲۵۱۴۰ لفظن ۽ اصطلاحن تي مشتمل آهي، مرزا قليچ بيگ جي، 'لُغاتِ قديمي' (۱۹۲۴ع)، لالا هاسانند جي، 'سنڌي ڊڪشنري' (۱۹۴۷ع)، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي، 'تحقيق لُغات سنڌي' (۱۹۵۵)، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي، 'جامع سنڌي لُغات - ۵ جلد' (۱۹۶۰ع)، مخدوم طالب المولىٰ جي، 'لُغاتِ سنڌي مخففات' (۱۹۹۱ع)، غلام قادر سومري جي، 'سنڌي ٻٽن لفظن جي لُغت' (۱۹۹۶ع)، گنگارام سمراٽ جي، 'اسان کي متان وِساريو' (۱۹۹۹ع)، پروفيسر تنوير جوٽيجي جي، 'سوشالاجيءَ جي لُغت' (۲۰۰۴ع)، شهيد سومري جي سنڌي لفظن ۽ پهاڪن جي تشريحي لُغت، 'ٻوليءَ سندا ٻول'، خليل الرحمان شيخ، 'سياسيات جا اِصطلاح' (۲۰۰۸ع)

، مخدوم جميل الزمان جي، 'قافيا ڪوش' (۲۰۱۰ع)، رضوان گل جي، 'جاگرافيءَ جي لُغت' (۲۰۱۲ع)، مختيار احمد ملاح جي، 'ادبي اِصطلاحن جي تشريحي لُغت' (۲۰۱۵ع)، پروفيسر فهميده چنا جي، 'سنسڪرت - سنڌي لُغت' (۲۰۱۶ع)، منصور تَلهي جون، 'اکر پَٽي'، 'گَڏاپ جا گُلَ' (۲۰۱۸) ۽ 'لاڙي لفظن جي موتين مالها' (۲۰۱۹ع) وغيره اهم لُغتون آهن.

سنڌي لُغتن جي وِچور/ تفصيل تي مُحيط، ناسف علي شيراز جو هڪ مفصل مقالو: 'سنڌي لُغت نويسيءَ جي تاريخ ۽ ببليوگرافي' 'تہ ماهي مهراڻ' ۾، ٽن قسطن ۾ شايع ٿيل آهي، جنهن جو اِپياس اُن سلسلي ۾، نہ صرف تفصيلي معلومات مهيا ڪري ٿو، پر اُن جي مطالعي مان سُڌِ پوي ٿي، تہ سنڌي ٻوليءَ ۾، هِن وقت تائين ۲۰۰ کان وڌيڪ لُغتون شايع ٿي چُڪيون آهن، جن ۾ موجود لفظن/اصطلاحن جو ڳاٽيٽو هزارن ۾ نہ، پر لَکن ۾ ٿيندو.

لُغت نويسيءَ جو اُهو سلسلو جيئن پوءِ تئين پنهنجي تجرباتي مرحلن مان گذرڻ کان پوءِ نہ رڳو وڌيڪ جامع، جِدتن سان مالامال، گهڻ - موضوعاتي ۽ گهڻ رُخو بڻيو آهي، پر اُن ۾ ٻين ڪيترن ئي موضوعن سان گڏ مختلف شاعرن جي ڪلام ۾ موجود ڏکين لفظن جون لُغتون پڻ ڇڪي تعداد ۾ مُرتب ڪيون ويون آهن، جن ۾ خاص طرح ڪلاسيڪي ۽ ڪجهه جديد ڪوتاڪارن جون لُغتون قابلِ ذڪر آهن.

اهڙين لُغتن ۾، شاهه جي شاعريِ جي لفظن تي مشتمل پيرومل جي، 'غريب الغات' (۱۹۰۷ع)، مرزا قليچ بيگ جي، 'لُغاتِ لطيفي' (۱۹۱۴ع)، سيد نجف علي شاهه ڪَمتر نقوي جي، 'ٻاروچي ٻولي' (۱۹۸۴ع)، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي، 'روشني' (۲۰۰۲ع)، ڊاڪٽر فهميده حسين جي ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلام جي ڏکين لفظن ۽ معنيٰ تي آڌارڪ، 'ڪلاسيڪي شاعرن جي لُغت' (۲۰۰۴ع)، انور ڏنگڑائي پاران لطيف سائين جي شاعري جي لفظن جي مرتب ڪيل لُغت، 'پٽائي ڊڪشنري' (۲۰۱۴ع)، ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جي 'جامع لغات لطيف' شاهه لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي (۲۰۱۸ع)، نياز همايوني جي ترتيب ڏنل، 'دريا خان ڪَنڀڙيءَ واري جي ڪلام جي لُغت، 'آءُ ڪانگا ڪَرِ ڳالهه' (ٻيو چاپو - ۲۰۰۶ع)، عزيز ڪِنگراڻيءَ جي استاد بخاري جي شاعري جي مشڪل لفظن جي ڪول ۽ سمجهاڻيءَ تي مشتمل لُغت، 'اکر اکر آرسي' (۲۰۰۹ع)، مير محمد پيرزادي پاران مرتب ڪيل، 'نياز همايوني جي شاعريءَ جي لُغت' (۲۰۱۸ع)،

عنايت اُنڑ جي ترتيب ڏنل، 'محمد فقير ۽ محمود فقير ڪٽياڻ جي ڪلام جي لُغت' (۲۰۱۵ع)، ڈاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جون، شاھ لطيف، سامي ۽ سچل سرمست جي ڪلام جي نسبت سان مرتب ڪيل لُغتون، 'سامي ڏاتو ڪوش'، 'سچل لُغت' (۱۹۸۴) ۽ 'اِشتقاقي لُغاتِ لطيف' (۲۰۲۱)، ڈاڪٽر بدر ڏامراهي جون معروف شاعرن سچل، بيدل ۽ بيڪس جون ترتيب ڏنل لُغتون، ' لُغاتِ سچل سرمست' (۲۰۱۷ع)، ۽ 'لُغاتِ بيدل ۽ بيڪس' (۲۰۲۰ع) ۽ راقم طرفان مرتب ڪيل، 'شيخ اياز جي شاعريءَ جي لُغت' (۲۰۲۲ع) شامل آھن.

حوالا

۱. جوٹيجو، عبدالجبار، 'لاڙ جي لُغت'، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، ۱۹۷۵ع، ص:۰۱.

2. John Richardson 'Dictionary of Persian, Arabic and English', Sange-e-meel publication, Lahore,1984,pp:126.

3. Neufeldt, victoria, chief editor, websters 'new world college dictionary', Macmillan USA,1997,p:381 .

4. www.merriam-webster.com › dictionary › vocabulary.

5. Mewa, Ram, Permanand, 'A new English – Sindhi Dictionary',1994, p:435.

6. The Chambers Dictionary, 1995 p:964.

۷. مولوی، فیروز الدین، مرتب:'فیروز اللغات'، فیروز سنز، لاہور، نیا ایڈیشن، ص:۱۱۵۷.

۸. کاکوروی، نیر، نورالحسن، 'نوراللغات'، ۲۰۱۷ع، ص:۱۱۴۵.

۹. ٻُرڙو، رياضت، ڈاڪٽر، (مقالو: 'ڊڪشنري، ليڪسڪن، وُڪيبيلري، گلاسري، ٽسارس ۽ اِنسائڪلوپيڊيا اصطلاحن جو تقابلي جائزو'، 'ڪارونجهر تحقيقي جرنل'، جلد ۱۱، شمارو ۲۰، جون ۲۰۲۰ع، ص: ۱۳۷.

۱۰. مخدوم، طالب المولیٰ، محمد زمان، 'لُغات سنڌي مُخففات'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ۱۹۹۱ع، ص: ڇ.

11. https://dictionary.cambridge.org/dictionary/english/glossary. (7-7-2022)

۱۲. اَبڙو، آفتاب، ڈاڪٽر، 'عِلم اللُغت'، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، ۲۰۲۱ع، ص: ۷۱.

۱۳. مخدوم، طالب المولیٰ، محمد زمان، 'لُغات سنڌي مُخففات'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ۱۹۹۱ع، ص: خ.

14. https://www.merriam-webster.com/dictionary/thesaurus:07.07.2022.

۱۵. اَبڙو، آفتاب، ڈاڪٽر، 'عِلم اللُغت'، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، ۲۰۲۱ع، ص: ۶۸.

۱۶. فهميده حسين، ڈاڪٽر، چيف ايڈيٽر: 'مفصل سنڌي لُغت'، جلد ـ ۱، (مهاڳ)، سنڌي لئنگئيج اَٿارٽي، حيدرآباد، ۲۰۱۵ع، ص: ix.

17. https://www.google.com/search?q=Branches+of+lexicography.01.07.2022.

18. https://www.google.com/search,q=Branches+of+lexicography & tbm, 01.07.2022.

۱۹. حسين، فهميده، ڈاڪٽر، 'سنڌي ٻولي: مختلف لساني پهلو'، سنڌي لئنگئيج اَٿارٽي، حيدرآباد، ۲۰۱۲ع، ص: ۹.

۲۰. سنديلو، عبدالڪريم، ڈاڪٽر، 'اِشتقاقي لُغاتِ لطيف'، پيڪاڪ پرنٽرس ۽ پبلشرس، ڪراچي، ۲۰۲۱ع، ص: ۱۷.

۲۱. حسين، فهميده، ڈاڪٽر، چيف ايڈيٽر: 'مفصل سنڌي لُغت'، جلد ـ ۱، (مهاڳ)، سنڌي لئنگئيج اَٿارٽي، حيدرآباد، ۲۰۱۵ع، ص: ix،x.

۲۲. پاریکھ رئوف، ڈاکٹر، 'اردو لغت نویسی تاریخ، مسائل اور مباحث'، مقتدرہ قومی زبان، اسلام آباد، ۲۰۱۰ع، ص:۱۳.

۲۳. سميجو، آزاد، عبدالڪريم: مرتب، (پبلشر نوٽ ـ مدد علي سنڌي)، 'اُترادي لهجي جي لغت'، ثقافت، سياحت ۽ نوادرات ڪاتو، حڪومت سنڌ، ۲۰۲۲ع، ص: ۷.